مارچ 1981ع
نمبر-3
سال - 11
قيمت ڇهه رپيا

سنڌ سائنس سوسائٽي

ماهوار

# فهرست

COMPLIMENTARY COPY
NOT FOR SALE.

مضمون — صفحو

• قدرتي وسيلن جي حفاظت 3
• ريفريجريشن ۽ ايئرڪنڊيشننگ 5
• زراعت تي صنعت ۽ سائنس جا اثرات 9
• ڏندن جي ماڪوڙي 14
• بهتر ۽ محفوظ ڊرائيونگ (قسط - 2) 17
• پچوڙي جي آتم ڪهاڻي 25
• تحقيق ۾ لائبريري جو استعمال (قسط - 2) 29
• رت جو دٻاءُ يا بلڊ پريشر 33
• بنا ضمانت نوٽن جو ڇاپو 36
• ڪمپيوٽر ۽ انهجا استعمال 41
• هٿرادو ڪيئر 48
• نيون ايجادون 49
• سنڌ سائنس گريجوئيٽن جون سماجي سرگرميون 52

ٻارن جا صفحا

• ايڊيٽر طرفان خط 57
• دنيا جا مشهور درياءَ 58
• بنسن برنر 59
• نرم ڪاٺ 62
• ذهني آزمائش 63
• جانورن جي دنيا 65
• ڀڪين مان بيماريون 67
• سائنسي معلومات 68
• ڪيسٽ ٽيپ 70
• هٿن جي ڪهاڻي - هٿن جي زباني 71

ماهوار

# سائنس

سال ١١ } مارچ ١٩٨١ع {پرچو 3

سانئيم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست! تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين (شاهه)

پايو وجهندڙ
• الحاج سيد غلام مصطفىٰ شاهه
• ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي
• ڊاڪٽر غلام علي الانا

اوائلي بانهن ٻيلي
• ڊاڪٽر سيد وڏل شاهه (مرحوم)
• ظفر حسن شاهه

ايڊيٽر
• ڊاڪٽر محمد علي مهيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
• غلام مرتضىٰ پيٽي

سيڪشن انچارج
• فياض احمد قاضي
[شعبو طبعي سائنس]
• علي مرتضىٰ ڌاريجو
[شعبو حياتياتي سائنس]
• دادو خان ٻرڙي
[شعبو اطلاقي سائنس]
• مس تنوير جوڻيجو
[شعبو سماجي سائنس]

آفيس: "انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري"، سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو

قيمت: في پرچو 6 رپيا
سالانه ٧٥ رپيا

ڇاپيندڙ:- طارق اشرف، "سهڻي پرنٽرس"، گاڏي کاتو - حيدرآباد.
ڇپائيندڙ:- ڊاڪٽر ايس - ايم - قريشي، پاران "سنڌ سائنس سوسائٽي - ڄامشورو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## نئين نسل ڏانهن پيغام

جديد دور جي تقاضائن جي پيش نظر اهو هڪ اٽل قانون آهي ته:

"جنهن نسل سکيا جو قدر نه سڃاتو، اهو صفحه هستيءَ تان ميسار جي ويو"

تو هانجي ٻي انت سو رهيائي، او هانجي اڻ ليکي خوش مزاجي، او هانجي سامونڊي لڙاين ۾ سوڀ ۽ ميداني جنگين ۾ فتحيابي، اهي سڀ هڪ نڪتو به هيٺ مٿي ڪري نه سگهندا.

اڄ اسين پاڻ کي قائم رکي سگهون ٿا، پر سياڻي جڏهين سائنس هڪ ٻيو به قدم اڳتي وڌي آئي هوندي تڏهين اڻ پڙهيل ۽ جاهلن خلاف آخري ۽ اٽل فتويٰ جاري ٿي چڪي هوندي.

آمريڪي فلسفي ۽ رياضي دان

**"وهائيٽ هيڊ"**

---

سنڌيڪار: وتايو فقير

## سائنس جا مُتا

- درست سائنسي معلومات سنڌي زبان ۾ يڪجا ڪرڻ ۽ سنڌي خواندن تائين رسائڻ.

- استادن ۽ شاگردن جي سهوليت خاطر علم سائنس جي بنيادي اصولن جو صحيح مفهوم سنڌي ۾ پيش ڪرڻ.

- آئنده نسل جي بقا خاطر شاگردن جي تعليمي صلاحيت کي اڀارڻ، ته جيئن اهي عملي ميدان ۾ پنهنجي ۽ معاشري جي خدمت جي لائق بڻجي سگهن.

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل ابتدائي سائنسي معلومات جو رسالو




هتان ڪاٽيو

## سرڪيوليشن ڊپارٽمينٽ - ماهوار سائنس

## انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري - سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو

مهرباني ڪري موڪلي .......... 81ع جي پرچي کان سالانه خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪندا. آءٌ .......... رپين جو مني آرڊر روانو ڪري چڪو آهيان.

نالو ______________________

ائڊريس ______________________

______________________

تاريخ ----------- آرڊر موڪليندڙ جي صحيح -----------------



ماهوار

# سائنس

## ٻارن جا صفحا



# ايڊيٽر ڏانهن خط

پيارا ٻارڙئو

ماهوار سائنس ۾ توهان لاءِ ڪجهه صفحا انهيءَ لاءِ رکيا ويا آهن ته جيئن توهان کي سائنس سان واسطو رکندڙ عام ۽ بنيادي ڳالهين بابت آسان ۽ سولائيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ طريقي سان واقف ڪجي. اسان جي ڪوشش اها ئي رهندي ته توهان کي هنن صفحن ذريعي اهڙي معلومات ۽ تعليم مهيا ڪريون جيڪا وندر جي وندر به هجي ته اڳتي هلي توهان جي عملي زندگيءَ ۾ به ڪارائتي ثابت ٿئي. اسان پنهنجي انهيءَ عظيم مقصد لاءِ شروعات ڪري ڇڏي آهي، البته ڏگ تائين پهچڻ لاءِ توهان جي ساٿ جي ضرورت محسوس ڪريون ٿا. ان لاءِ توهين جيڪڏهين پنهنجي والدين ۽ استادن جي مشوري سان اسان کي ڪارآمد صلاحون ڏيندا ته اسين انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اچو ته پاڻ ۾ گڏجي "سائنس" جو پرچار سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايون.

# دنيا جا مشهور درياءَ

| نمبر | نالو | ڊيگهه — ميل | ڊيگهه — ڪلو ميٽر |
|---|---|---|---|
| 1 | نيل آفريڪا | 4, 240 | 6 822 |
| 2 | اميزون، ڏکڻ آمريڪا | 4, 163 | 6 698 |
| 3 | مسسپي، مسوري، آمريڪا | 3, 710 | 5 971 |
| 4 | يانگ زي، چين | 3, 434 | 5 527 |
| 5 | اوبر تاش، سوويٽ رشيا | 3, 362 | 5 411 |
| 6 | ڪانگو (زائر)، آفريڪا | 2, 920 | 4 698 |
| 7 | هوانگ، چين | 2, 877 | 4 629 |
| 8 | آمور، ايشيا | 2, 744 | 4 416 |
| 9 | لينا، سوويٽ رشيا | 2, 734 | 4 400 |
| 10 | ميڪانزي - پيس، ڪئناڊا | 2, 635 | 4 241 |
| 11 | ميڪانگ، ايشيا | 2, 610 | 4 199 |
| 12 | نائيجر، آفريڪا | 2, 548 | 4 100 |
| 13 | وولگا، سوويٽ رشيا | 2, 194 | 3 531 |
| 14 | يوڪون، اتر آمريڪا | 1, 979 | 3 185 |
| 15 | سينٽ لارينس، اتر آمريڪا | 1, 900 | 3 058 |
| 16 | رئيو گرينڊ، ميڪسيڪو - آمريڪا | 1, 885 | 3 034 |
| 17 | ڊنيوب، يورپ | 1, 802 | 2 899 |
| 18 | سنڌو، ايشيا | 1, 800 | 2 897 |
| 19 | برهمپترا، ايشيا | 1, 700 | 2 736 |
| 20 | فرات، ايشيا | 1, 700 | 2 736 |
| 21 | گنگا، ايشيا | 1, 550 | 2 494 |
| 22 | اراوڊي، برما | 1, 325 | 2 132 |
| 23 | ڪولمبيا، اتر آمريڪا | 1, 243 | 2 000 |

از: فياض احمد قاضي
ليڪچرار - شعبو ڪيميا،
سنڌ يونيورسٽي — ڄامشورو

# ذهني آزمائش

تاري واري جاء تي ڪو نه ڪو انگ لڪل آهي. اهي انگ لکي هيٺيان حساب صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو:

(1) جوڙ ڪريو

```
 * 2 * *
   * 9 5
 -------
 1 6 5 3
```

(2) ڪٽ ڪريو

```
* * * * *
      * 1
---------
  9 9 9 0
```



(3) ضرب ڪريو

```
  * * 9
    X *
-------
8 9 9 1
```

(4) ونڊ ڪريو

```
5) * 6 * (9*
   * *
   ---
   1 *
   * 0
   ---
     1
```

(5) سادي صورت ۾ آڻيو

$$\frac{*}{3} + \frac{*}{5} \times \frac{*}{6} = \frac{*}{3} + \frac{1}{2} = \frac{4 + *}{*} = * \frac{*}{\phantom{0}}$$

جواب :

1- جوڙ

```
 1258
  395
-----
 1653
```

2- ڪٽ

```
10001
   11
-----
 9990
```

3- ضرب

```
 999
  X9
----
8991
```

4- ونڊ

```
5) 461 (92
   45
   --
    11
    10
    --
     1
```

5- سادي صورت

$$\frac{2}{3}+\frac{3}{5}X\frac{5}{6}=\frac{2}{3}+\frac{1}{2}=\frac{4+3}{6}=1\frac{1}{6}$$

# جانورن جي دنيا



## زرافه

زرافه دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو جانور آهي. هنجو قد ساڍن پنجن ميٽرن تائين ٿئي ٿو. هي جانور سڄي آفريڪا ۾ پکڙيل آهي. پر سوڊان ۾ هنجو تعداد ڪجهه وڌيڪ آهي. چاڪاڻ جو اتي ٻير جا وڻ گهڻا ٿيندا آهن. ٻير جي وڻ جا پن ۽ نوڪدار ڪنڊا زرافه شوق سان کائيندو آهي. انهن جي وڻن جي جهنگٽي اندر هو لڪي به سگهندو آهي. هنجي ڄڀ 38 سينٽي ميٽر ڊگهي ٿيندي آهي جنهن ڪري هو وڻن جي ٽارين سان ويڙهي پوءِ ڏندن سان ٽارين کي ڇڪي وٺندو آهي.

زرافه جي بدن تي چٽڪمرا داغ ٿيندا



## گينڊو

گينڊو به آفريڪي جانور آهي. هي نهايت طاقتور ٿئي ٿو. سندس کل مان ڍال ٺهائي ويندي آهي. گينڊي جي سڱن ۾ هڏي ڪانه هوندي آهي بلڪ هنجي مٿي تي جيڪي سخت وار هوندا آهن، اهي وڌي ڪانپوءِ سڱن جي شڪل اختيار ڪري ڇڏيندا آهن. ٻئي سڱ سندس نڪ جي مٿان اڳيان پٺيان هوندا آهن. انهن سڱن کي ڪٽي هڪ پائوڊر ٺاهيو ويندو آهي جيڪو مقامي ماڻهو دوا طور استعمال ڪندا آهن. گينڊي جي نسل به هاڻي گهٽجي رهيو آهي.




پونهن ساهي

# ڪيسٽ ٽيپ

"ڪيسٽ ٽيپ" نالي جي شروعات 1963ع ۾ فلپس ڪمپنيءَ وارن ڪئي. هن چڪرين تي ويڙهيل مقناطيسي مصالحي واري پٽي پلاسٽڪ جي ٺهيل، هڪ مستطيل دٻيءَ ۾ بند هوندي آهي. پٽيءَ جي ريل کي دٻيءَ جي ڀتين سان گهساڙجڻ ۽ ڦاٽي ڪٽرو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، ريل جي ٻنهي پاسن کان ڪاربان ٺهيل پلاسٽڪ، يا وري "پالي ٽيٽرا فلورو ايٿائلين" (PTFE) جا ترڪڻا ورق رکيل هوندا آهن. پٽيءَ کي سڌي رستي تي سولو هلائڻ لاءِ نيڊڙن ڦيٿڙن ۽ دٻيءَ ۾ خاص ترتيب سان ڪوئيل وٽڙين جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

ٽيپ رڪارڊر ۾ نصب ٿيل رڪارڊ ۽ ۽ آواز پيدا ڪرڻ وارين ڪلن ۽ ڪيسٽ ۾ مصالحي واري پٽيءَ کي، هڪ ٻئي سان ٺهڪائي جهلڻ خاطر، ڪيسٽ واري دٻيءَ جي هيٺ ۾ مختلف سائيزن جون درزيون بڻ ٺهيل هونديون آهن. وچين درزيءَ ۾ پٽيءَ جي پاسان اسپنج جي گدڙي لڳل هوندي آهي. جڏهن ٽيپ واريءَ پٽيءَ کي ٽيپ رڪارڊ جي آواز پيدا ڪرڻ واري اوزار سان ٽڪرائي

# "سائنس" پڙهائيندڙن لاءِ چند رهنما اصول

**مسئلن کي سائنسي طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ دريافتي ذهن پيدا ڪرڻ**

- جمالياتي حُسن جي احساس ۾ چاهه جاڳائڻ
- مشاهدو، ڳولا ۽ ڌيان ڇڪائڻ جي سجاڳي آڻڻ
- بنيادي ۽ مکيه متن ۽ اصولن بابت منطق تي مبني عقلي سوچ پيدا ڪرڻ
- سوال اٿارڻ ۽ دليل ڏوڙائي جواب هٿ ڪرڻ لاءِ تجربا ڪري حقيقت پروڙڻ
- معلومات ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو فن پرائڻ
- علمي حال ونڊڻ
- پرک ۽ قدرشناسي ۾ لاڳاپو قائم ڪرڻ
- مطلب جي گهرائي پروڙڻ جو مادو پيدا ڪرڻ

